# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1993
# SINDH ACT NO.III OF 1993
# سنڌ ماليات ايڪٽ، 1993
## THE SINDH FINANCE ACT, 1993
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II 1899

4. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم

Amendment of W.P. Act V of 1958

5. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم

Amendment of W.P Act XXXII of 1958

6. 1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of W.P Act XXXIV of 1964

7. 1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي ترميم

Amendment of Sindh Act XV of 1975

8. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم

Amendment of Sindh Act VII of 1977

9. کول ڈولپمینٹ سیس

Coal Development Cess

10. نان یوٹیلائیزیشن ٹیکس

Non_Utilization Tax

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1993

# SINDH ACT NO.III OF 1993

# سنڌ ماليات ايڪٽ، 1993

# THE SINDH FINANCE ACT, 1993

[7 جولاءِ 1993]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجھ ٽيڪس ۽ ڊيوٽيز ڪي معقول بڻائي، لڳايو ۽ وڌايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪجھ ٽيڪس ۽ ڊيوٽيز ڪي معقول بڻائڻ، لڳائڻ ۽ وڌائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ ڪي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1993 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي ۽ پهرين جولاءِ 1993 کان لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(b) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(c) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II 1899

3.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 جي شيڊول-I ۾:

(a) آرٽيڪلس 1، 19 ۽ 53 جي ڪالم 2 ۾، لفظن "پنجاھ پئسا" لاءِ لفظ "هڪ رپيو" متبادل ٿيندا؛

(b) آرٽيڪل 15 جي ڪالم 2 ۾، لفظن "پندرنهن رپيا" لاءِ

لفظ "ٻاويهہ رپيا ۽ پنجاهہ پئسا" متبادل ٿيندا.

(c) آرٽيڪل 22_A لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

| | |
|---|---|
| "22_A. معاهدو، جنهن جو مطلب ڪنهن يادداشت نامي يا معاهدي جي سلسلي ۾ ٺيڪيدار طرفان حڪومت، لوڪل باڊي، لوڪل اٿارٽي، ڪمرشل يا انڊسٽريل حوالي سان ڪيو وڃي يا داخل ٿيو وڃي، پوءِ اها مڪمل طور هڪڙي مالڪي هيٺ هجي يا پائيواري هيٺ هلائبي هجي، جنهن ۾ ويهن کان مٿي ملازم هجن، جيڪا ڪمپني لا تحت رجسٽر ٿيل باڊي هجي يا ڪا بي تنظيم جيڪا ڪم ڪري يا جيڪا سامان اسٽور خريد ڪري. | هر هڪ رپئي لاءِ پنجوبهہ پئسا يا ٺيڪي جي ملهہ جو ڪو حصو." |

(d) آرٽيڪل 33 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

| | |
|---|---|
| (a) (i) تحفي جو دستاويز، جنهن جو ناهہ نہ ٿئي (نمبر.58) يا وصيت يا منتقلي (نمبر 62)؛<br>(ii) قانوني وارث ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي ماڻهو جي حق ۾ ڏنل زباني تحفي جي تصديق لاءِ لکت ۾ قسم نامو يا پڌرائي؛ | ساڳي ڊيوٽي جيڪا اچ وڃ (نمبر.23) ۾ اوڳاڙي لاڳو آهي، جيڪا دفعہ 27A تحت ڪليڪٽر طرفان ملهہ واري ٽيبل ۾ طئي ڪيل ملڪيت جي ملهہ جي برابر هوندو.<br><br>ساڳي ڊيوٽي جيڪا قسم |

| | |
|---|---|
| (b) حقيقي وارث جي حق ۾ ڪيل زباني تحفي جي تصديق لاءِ لکت ۾ قسم نامو يا پڌرائي. | نامي (نمبر.4) تي اوڳاڙي لائق آهي. |

(e) آرٽيڪل 48 ۾:

(i) شق (b) ۾ لفظن "شق (a)" لاءِ لفظ "شقون (a)، (e) ۽ (ee)" متبادل ٿيندا.

(ii) شقن (c) ۽ (d) ۾ لفظ "عام طور" ڪانپوءِ لفظ "سواءِ شقن (a)، (e) ۽ (ee) ۾ ڄاڻايل معاملي جي" شامل ڪيا ويندا.

(iii) شق (e) ڪانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

| | |
|---|---|
| "(ee) جڏهن غور لاءِ نہ ڏنو وڃي ۽ اٿارني کي ڪا غير منقولہ ملڪيت وڪرو ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايو وڃي". | بہ سئو رپيا |

(f) آرٽيڪل 57 جي شق (b) جي ڪالم 2 ۾ لفظن "ٽيھہ رپيا" لاءِ لفظ "پنجاھہ رپيا" متبادل ٿيندا.

(g) آرٽيڪل 63 ڪانپوءِ هيٺيون نئون آرٽيڪل شامل ڪيو ويندو:

"A-63. ليز کان اڳ الاٽمينٽ آرڊر جي منتقلي:

(a) رهائشي پلاٽن جي صورت ۾:

| | |
|---|---|
| (i)200 چورس گز کان وڌيڪ نہ هجي. | ڪجھہ نہ |
| (ii)200 چورس گز کان وڌيڪ پر 400 چورس گز کان وڌيڪ نہ هجي. | بہ رپيا في چورس گز |
| (iii)400 چورس گز کان وڌيڪ | چار رپيا في چورس |

| | |
|---|---|
| | گز |
| (b)ڪمرشل پلاٽن جي صورت ۾ | اٺ رپيا في چورس گز.”. |

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم

Amendment of W.P. Act V of 1958

4.سنڌ شهري غير منقوله ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾:

7_A ڪانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

“7_B. (1) جنهن شخص تي ٽيڪس واجب الادا آهي ان تي هڪ سرچارج لڳائي ۽ اوڳاڙي ويندي جيڪا ٽيڪس کان علاوه اضافي طور هيٺين اگهن تي هوندي:

| | |
|---|---|
| (i)پهرين جولاءِ 1968 کان 30 جون 1979 واري عرصي دوران رهائشي يا ڪاروباري مقصد لاءِ استعمال ٿيل ملڪيتن تي مڪمل طور يا ان جي حصي تي. | 30 سيڪڙو |
| (ii)پهرين جولاءِ 1979 کان 30 جون 1933 ۽ ان کان پوءِ رهائشي ۽ ڪاروباري مقصد لاءِ استعمال ٿيندڙ ملڪيتن تي مڪمل طور يا ان جي حصي تي. | 15 سيڪڙو |
| (iii)صنعتي مقصد لاءِ استعمال ٿيندڙ ملڪيتن تي. | 30 سيڪڙو |

(2) ٽيڪس جي اوڳاڙي ۽ وصولي لاءِ جاٽايل طريقيڪار ايئن لاڳو هوندو ۽، سرچارج جي اوڳاڙي ۽ وصولي تي لاڳو ٿيندو.”

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم

5.موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 جي شيڊول ۾:

جريان نمبر 5 ۾:

(i)داخلا (a) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

Amendment of W.P Act XXXII of 1958

(a)موٽر گاڏيون جن جي سيٽن جي گنجائش چار ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي، انجڻ جي صلاحيت سان گڏ:

| | |
|---|---|
| (i)1000 سي سي کان وڌيڪ نہ هجي. | 500 رپيا |
| (ii)1000 سي سي کان وڌيڪ پر 1300 سي سي کان گهٽ هجي. | 700 رپيا |
| (iii)1300 سي سي کان وڌيڪ هجي. | 850 رپيا |

(ii)داخلا (b) ۾، ذيلي داخلائن (i) ۽ (ii) لاءِ هيٺين ريٽ متبادل ٿيندو:

(b)موٽر گاڏي چار سيٽن کان وڌيڪ ماڻهن جي گنجائش لاءِ هر اضافي سيٽ لاءِ، انجڻ جي صلاحيت سان گڏ:

| | |
|---|---|
| (i)جيڪڏهن 1000 سي سي کان وڌيڪ نہ هجي. | 80 رپيا في سيٽ |
| (ii) جيڪڏهن 1000 سي سي کان وڌيڪ هجي. | 100 رپيا في سيٽ |

1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of W.P Act XXXIV of 1964

6.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 جي ستين شيڊول ۾:

(a)جريان نمبر 2 لاءِ ۽ ان جي سامهون داخلائن لاءِ هيٺين ريٽ متبادل ٿيندو:

| | |
|---|---|
| "2.پرڏيهي ڪمپين سميت سموريون پبلڪ لميٽيڊ ڪمپنيون. | 8000 رپيا |

(b)جريان نمبر 3 ۾ شق (a) لاءِ ۽ ان جي سامهون داخلائن لاءِ هيٺين ريٽ متبادل ٿيندو:

| | |
|---|---|
| (a) (i)1.5 ملين رپين جي پيڊ اپ ڪيپيٽل سان گڏ سموريون پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپنيون. | 4000 رپيا |
| (ii)1.5 ملين رپين جي پيڊ اپ | 5000 رپيا |

| | |
|---|---|
| ڪيپيٽل سان گڏ سموريون پرائيويٽ ليمٽيڊ ڪمپنيون پر 2.5 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | |
| (iii)2.5 ملين رپين کان وڌيڪ پيڊ اپ ڪيپيٽل سان گڏ سموريون پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپنيون پر 3.5 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | 6000 رپيا |
| (iv)3.5 ملين رپين کان وڌيڪ پيڊ اپ ڪيپيٽل سان گڏ سموريون پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپنيون. | 8000 رپيا |

1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي ترميم
Amendment of Sindh Act XV of 1975

7.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "هڪ رپيو" لاءِ لفظ "هڪ رپيو ۽ پنجويهہ پئسا" متبادل ٿيندا.

1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Sindh Act VII of 1977

8.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1977 جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، موجود شقن لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

| | |
|---|---|
| "(a) اهي هوٽل جيڪي هڪ ڏينهن جي رهائش لاءِ هڪ ماڻهو کان ستر رپين کان گهٽ نہ ۽ نہ سئو ۽ پنجاهہ رپين کان وڌيڪ نہ وٺندا هجن. | رهائش اختيار ڪندڙ ڪل ماڻهن جي سٺ سيڪڙو برابر هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو تي 11 رپيا. |
| (b)اهي هوٽل جيڪي هڪ | رهائش اختيار ڪندڙ ڪل |

| | |
|---|---|
| ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو کان ٻه سئو ۽ ايڪونجاهه رپين کان گهٽ نه ۽ چار سئو رپين کان وڌيڪ وٺندا هجن. | ماڻهن جي ست سيڪڙو برابر هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو تي ويهه رپيا. |
| (c) هوٽل چارجنگ جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو کان چار سئو ۽ هڪ رپئي کان گهٽ نه ۽ پنج سئو ۽ پنجاهه رپين کان وڌيڪ وٺندا هجن. | رهائش اختيار ڪندڙ ڪل ماڻهن جي ست سيڪڙو برابر هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو تي ٽيهه رپيا. |
| (d) هوٽل چارجنگ جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو کان پنج سئو ۽ پنجاهه رپين کان گهٽ نه ۽ ست سئو رپين کان وڌيڪ وٺندا هجن. | رهائش اختيار ڪندڙ ڪل ماڻهن جي ست سيڪڙو برابر هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو تي چاليهه رپيا. |
| (e) هوٽل چارجنگ جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو کان ست سئو ۽ هڪ رپئي کان گهٽ نه ۽ هڪ هزار رپين کان وڌيڪ وٺندا هجن. | رهائش اختيار ڪندڙ ڪل ماڻهن جي ست سيڪڙو برابر هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو تي ست رپيا. |
| (f) هوٽل چارجنگ جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن لاءِ | رهائش اختيار ڪندڙ ڪل ماڻهن جي ست سيڪڙو |

| | |
|---|---|
| هڪ ماڻهو ڪان هڪ هزار ۽ هڪ رپئي ڪان گهٽ نہ ۽ ٻہ هزار رپين ڪان وڌيڪ وٺندا هجن. | برابر هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو تي اسي رپيا. |
| (g) هوٽل چارجنگ جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو ڪان ٻہ هزار ۽ هڪ رپئي ڪان گهٽ نہ ۽ ٽي هزار رپين ڪان وڌيڪ وٺندا هجن. | رهائش اختيار ڪندڙ ڪل ماڻهن جي سٽ سيڪڙو برابر هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو تي هڪ سئو رپيا. |
| (h) هوٽل چارجنگ جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو ڪان ٽي هزار ۽ هڪ رپئي ڪان گهٽ نہ ۽ چار هزار رپين ڪان وڌيڪ وٺندا هجن. | رهائش اختيار ڪندڙ ڪل ماڻهن جي سٽ سيڪڙو برابر هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو تي هڪ سئو ۽ ويهہ رپيا. |
| (i) هوٽل چارجنگ جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو ڪان چار هزار ۽ هڪ رپئي ڪان گهٽ نہ ۽ ان ڪان مٿي. | رهائش اختيار ڪندڙ ڪل ماڻهن جي سٽ سيڪڙو برابر هڪ ڏينهن لاءِ هڪ ماڻهو تي هڪ سئو ۽ پنجاهہ رپيا. |

9.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1989 جي دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، لائسنس ۽ وري لائسنس تازي ڪرائڻ لاءِ في جي موجوده ٽيبل لاءِ، هيٺين ريٽ متبادل ٿيندو:

| رجسٽريشن في | ساليانيِ رينوئل في |
|---|---|

| | |
|---|---|
| 5000 رپيا | 1000 رپيا |

ڪار ڊيلر

10.(1) ڪول مائيننگ علائقن مان ڪوئلو ڪڍندڙ ٽرڪن تي في ٽرڪ تي هر ڦيرو لاءِ ويهه رپيا جي حساب سان هڪ سيس لڳائي ۽ اوڳاڙي ويندي، جنهن کي ڪول ڊولپمينٽ سيس سڏيو ويندو.

ڪول ڊولپمينٽ سيس Coal Development Cess

(2)سيس کي ڪول مائيننگ علائقن ۾ روڊن جي مرمت ۽ ترقيءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو ۽ ٻين سرگرمين لاءِ جيڪي ڪوئلي جي پيداوار جي ترقيءَ جي سرگرمين کي وڌائين.

11.(1)جيستائين ڪجهه ريگيوليشن آف مائينس اينڊ آئل فيلڊس اينڊ منرل ڊولپمينٽ (فيڊرل ڪنٽرول) ايڪٽ، 1948 جي متضاد نـ هجي ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن يا ڪنهن ٻئي قانون يا چاٽايل ايڪٽ تحت جاري ڪيل ليز جي شرطن ۽ ضابطن جي متضاد نـ هجي ۽ قاعدن جي متضاد نـ هجي هر سال هڪ نان يوٽيلائيزيشن ٽيڪس لڳائي ۽ اوڳاڙي ويندي، جتي ليزي ڪيس ليز تي ڏنل ايراضي جي ليز جمع ڪرائڻ ۾ ٻن سالن اندر ناڪام ٿئي ٿو تـ چاٽايل ايڪٽ يا قاعدا نافذ ٿيڻ ڪانپوءِ بـ ناڪام ٿئي ٿو ۽ اهڙي علائقي مان معدني شيون حاصل ڪرڻ، ڪم تبديل ڪرڻ ۽ ڪٽي وجهڻ لاءِ هيٺيان اگهه هوندا:

نان يوٽيلائيزيشن ٽيڪس Non_Utilization Tax

| جريان نمبر | معدنيات جو نالو | ٽيڪس جو ملهه |
|---|---|---|
| (i) | ڪوئلو | 60 في ايڪڙ |
| (ii) | مٽي/شيل | 20 في ايڪڙ |
| (iii) | ڊولومائيٽ | 50 في ايڪڙ |

| | | |
|---|---|---|
| (iv) | گرينائيٽ | 100 في ايڪڙ |
| (v) | لائيم اسٽون | 50في ايڪڙ |

12.حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي ۽ اهڙا قاعدا ٻين معاملن سميت، ڪا ٽيڪس لڳائڻ، اوڳاڙڻ ۽ ادائگي جي طريقيڪار يا سيس لڳائڻ يا هن ايڪٽ تحت ڏنڊ مڙهڻ جو طريقيڪار جيڪو هن ايڪٽ ۾ بيان نہ ڪيو ويو هجي، اهو فراهم ڪندا.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**